# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1992
# SINDH ACT NO.VII OF 1992
# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ايڪٽ، 1992
# THE SINDH EDUCATION FOUNDATIONO ACT, 1992

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and Commencement

2. وصفون

Definitions

3. فائونڊيشن جو قيام

Establishment of the Foundation

4. انتظاميہ

Management

5. بورڊ

Board

6. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

7. عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري

Appointment of officers and advisors

8. فنانشل ٽيڪنيڪل ايڊوائيزري ڪميٽيز

Financial Technical Advisory Committees

9. فائونڊيشن جا مول متا

Aims and Objectives of Foundation

10. فائونڊيشن جا شرط ۽ ضابطا

Terms and Conditions of Foundation

11. بورڊ طرفان اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers by the Board

12. چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Chairman

13. بورڊ جو ڪاروهنوار

Business of the Board

14. فائونڊيشن جو فنڊ

Fund of the Foundation

15. بجيٽ اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Budget accounts and audit

16. قاعدا

Rules

17. ضابطا

Regulations

18. تحليل

Dissolution

19. 1992 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.III of 1992

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1992
# SINDH ACT NO.VII OF 1992
# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ايڪٽ، 1992
# THE SINDH EDUCATION FOUNDATIONO ACT, 1992

[1 ڊسمبر 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ايجوڪيشن فائونڊيشن قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته صوبي سنڌ ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ ۽ ساڳئي قسم جي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي قيام لاءِ گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ايڪٽ، 1992 سڏيو ويندو.

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب دفعه 5 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(b) "بجيٽ" مطلب فائونڊيشن جي ساليانى ڪمائي ۽ خرچ جو سرڪاري اسٽيٽمينٽ؛

(c) "چيئرمين" مطلب فائونڊيشن جو چيئرمين؛

(d) "تعليمي ادارو" مطلب پرائمري، مڊل سيڪنڊري يا

هائير سيڪنڊري ادارو يا ڪاليج بشمول ٽيڪنالاجي جو ڪاليج يا ٽيڪنيڪل يا محتاج ۽ معذور ماڻهن لاءِ خاص ادارو يا پولي ٽيڪنيڪ يا استادن جي تربيت يا ڪمپيوٽر جي تربيت جو ادارو؛

(e) ”فائونڊيشن“ مطلب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن؛

(f) ”فنڊ“ مطلب فائونڊيشن جا فنڊس؛

(g) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) ”مئنيجنگ ڊائريڪٽر“ مطلب فائونڊيشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(i) ”ميمبر“ مطلب فائونڊيشن جو ميمبر؛

(j) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن يا ضابطن ۾ بيان ڪيل؛

(k) ”ضابطا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(l) ”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(m) ”وائيس چيئرمين“ مطلب فائونڊيشن جو وائيس چيئرمين.

**فائونڊيشن جو قيام**
**Establishment of the Foundation**

3.(1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي فائونڊيشن قائم ڪري سگهي ٿي، جنهن کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سڏيو ويندو.

(2) فائونڊيشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ٻنهي قسم جي منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي.

(3)فائونڊيشن جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هوندو.

**انتظاميہ**
**Management**

4. (1) فائونڊيشن جي عام رهنمائي ۽ انتظام بورڊ وٽ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ سمورا قدم

ڪٽي سگهي ٿو ۽ سموريون شيون ڪري سگهي ٿو جيڪي فائونڊيشن ڪري سگهي ٿي.

(2) بورڊ تعليم ڪي هٿي وٺرائڻ ۽ ترقي وٺرائڻ جي جوڳن اصولن تي عمل ڪندو ۽ ان جي وقت بوقت حڪومت طرفان ڏنل هدايتن موجب رهنمائي ڪئي ويندي.

(3) جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ٿو تہ معاملو پاليسي جو آهي يا نہ تہ، حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ Board

5. (1) بورڊ مشتمل هوندو چيئرمين تي، جيڪو چيف منسٽر هوندو، وائيس چيئرمين تي جيڪو تعليم جو وزير هوندو ۽ ٻيا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبر جن کي وقت بوقت سرڪار مقرر ڪندي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايڪس آفيشو ميمبر هوندو ۽ بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

(3) مقرر ڪيل سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

(4) غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي خوشي سان عهدو رکندو پر ڪنهن بہ وقت حڪومت کي خط لکي ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(5) چيئرمين ڪنهن بہ ماڻهو کي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر Managing Director

6.(1) حڪومت هڪ ماڻهو مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور مقرر ڪندي، جنهن وٽ اهڙي قابليت هوندي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن اها طئي ڪري.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر فائونڊيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهي سموريون ذميواريون سرانجام

ڏيندو. جيڪي بورڊ يا چيئرمين طرفان بيان ڪيون يا سونپيون وڃن.

(3) حڪومت مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي ہٽائڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ نااهلي يا بدديانتي جي بنياد تي هٽائي سگهي ٿي.

**عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري**
**Appointment of officers and advisors**

7. (1) فائونڊيشن پنهنجي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ اهڙا صلاحڪار ۽ عملدار ۽ ٻيو عملو مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽريل لياقت ۽ تجربو رکندڙ هجن ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) فائونڊيشن جا صلاحڪار، عملدار، ملازم ۽ عملو اهڙي انتظامي ڪارروائي جو مستحق هوندو ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**فنانشل ٽيڪنيڪل ايڊوائيزري ڪميٽيز**
**Financial Technical Advisory Committees**

8.بورڊ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿو جيئن ضروري سمجهي.

**فائونڊيشن جا مول متا**
**Aims and Objectives of Foundation**

9. فائونڊيشن جا مول متا هيٺين ريت هوندا:

(a) اهڙا قدم کڻڻ جيڪي تعليمي سهولتن جي واڌاري لاءِ ضروري هجن؛

(b) تعليمي ادارن جي قيام خاص طور پٺتي پيل يا گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ تعليمي ادارن جي قيام لاءِ پروجيڪٽ تيار ڪرڻ؛

(c) زمين، عمارتن جي تعمير، فرنيچر، اوزارن، ڪتابن ۽

تعليمي سامان بشمول اسٽيشنري جي خريد لاءِ ٽوٽل خرچ جي هڪ پاڱي تي برابر نرم شرطن ۽ ضابطن موجب مالي مدد يا گرانٽ ڏيڻ؛

(d) اهڙن ادارن کي پنهنجي ذاتي فنڊ مان بنا وياج قرض ڏيڻ يا شيڊولڊ بئنڪن مان قرض وٺڻ ۾ انهن جي مدد ڪرڻ؛

(e) تعليمي ادارن جي تعليمي مقصدن لاءِ مختلف هائوسنگ ۽ ڊولپمينٽ اسڪيمن ۾ خيراتي پلاٽن جي الاٽمينٽ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ؛

(f) تحقيق يا سروي منعقد ڪرڻ يا ورڪشاپس، ڪانفرنس، تعليمي نظام جي اسٽڊي لاءِ سمپوزيم ڪوٺائڻ، نظام جي اوڻائين ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن لاءِ تجويزون ڏيڻ ۽ انهن جي سڌاري لاءِ اپاءَ وٺڻ؛

(g) تعليم جي معيار کي وڌائڻ ۽ خواندگي جي شرح جي واڌاري لاءِ پروگرام تيار ڪرڻ؛

(h) تعليمي ڪارڪردگي ۽ معيار جي ترقيءَ لاءِ پبلڪ ۽ پرائيويٽ سيڪٽرس ۾ تعليمي ادارن وچ ۾ تعليمي مقابلن جو انتظام ڪرڻ؛

(i) ذهني مريض ۽ معذور ٻارڙن لاءِ منصوبا ۽ اسڪيمون تيار ڪرڻ؛

(j) استادن ۽ ٻئي لاڳاپيل عملي جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ تربيتي ورڪشاپس يا شارٽ ڪورس منعقد ڪرڻ؛

(k) مذهبي ۽ اسلامي تقاضائن مطابق پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب جوڙڻ؛

(l) گهٽ ترقي يافته يا گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ ادارا قائم

ڪرڻ يا قيام ۾ مدد ڪرڻ؛

(m) عام طور تي اهڙا قدم کڻڻ يا ڳالهيون ڪرڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري يا فائديمند هجن.

فائونڊيشن جا شرط ۽ ضابطا
Terms and Conditions of Foundation

10. (1) فائونڊيشن ڪي فائونڊيشن جو فنڊ استعمال ڪرڻ، لاڳو ڪرڻ ۽ سيڙائڻ جو مڪمل اختيار ۽ صوابديد هوندو، اهڙيءَ ريت جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) انهن اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، فائونڊيشن:

(i) خريد ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، منظور ڪرڻ، منتقل ڪرڻ، ڳالهيون ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ حڪومت جي سڪيورٽيز ۾ ناهه ڪرڻ ۽ ڪنهن ٻي نوعيت جي سڪيورٽيز سان ناهه ڪرڻ؛

(ii) پنهنجي مختلف انٽرپرائيزيز ۽ جاري ڪمن لاءِ قرض گڏ ڪرڻ، ان مقصد لاءِ واعدا ڪرڻ، زباني طئي ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ فائونڊيشن جي ملڪيت تي اوڳاڙي ڪرڻ؛

(iii) نيڪن، ڪم ڪارين، انتظامن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ضروري دستاويز تيار ڪرڻ؛

(iv) ڪنهن بئنڪ يا بئنڪن سان ڪرنٽ، فڪسڊ، اوور ڊرافٽ، لون، ڪيش ڪريڊٽ ۽ ٻيا اڪائونٽس کولڻ، جيئن ضروري هجي ۽ اهڙن اڪائونٽس ۾ رقم جمع ڪرڻ ۽ رقم ڪيرائڻ؛

(v) سمورا چيڪ، سامان پرڻ جي بلن، حڪمن، مٿا سٽا جي بلن، گورنمينٽ سڪيورٽيز، پروميزري نوٽس ۽ ٻين ڳالهين لائق دستاويزن ناهڻ، ڪيڻ، توثيق ڪرڻ، صحيح ڪرڻ،

قبول ڪرڻ يا ڳالهيون ڪرڻ؛ ۽

(vi) صنعتي ڪمن ۾ رقم سيڙائڻ يا ٻي صورت ۾ رقم اهڙي هنڌ سيڙائڻ جنهن سان فائونڊيشن کي فائدو ٿئي.

بورڊ طرفان اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers by the Board

11. فائونڊيشن عام يا خاص حڪمن ذريعي ۽ اهڙين شرطن موجب جيڪي اها مڙهڻ چاهي، پنهنجا ڪي به اختيار مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪنهن ميمبر، عملدار يا فائونڊيشن جي ملازم کي سونپي سگهي ٿي.

چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Chairman

12. (1) چيئرمين:

(i) هن ايڪٽ تحت اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن ان کي سونپيا وڃن؛

(ii) بورڊ اهڙن وقتن ۽ اهڙن هنڌن تي گڏجاڻيون ڪوٺائيندو، جيئن اهو بورڊ جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ ضروري سمجهي؛

(iii) جيستائين ٻي صورت ۾ سندس طرفان هدايت نه ڪئي وڃي، بورڊ جي سمورين گڏجاڻين جي صدارت ڪندو؛

(iv) ليٽرس، حڪم، هدايتون ۽ تجويزون ڏيڻ جو اختيار هوندو؛

(v) بورڊ طرفان سونپيل اختيار استعمال ڪندو؛

(vi) اهو يقيني بڻائڻ ته بورڊ جي سمورين حڪمت عملين ۽ فيصلن تي عمل درآمد ٿيو آهي.

(2) چيئرمين پنهنجا اختيار سواءِ سونپيل اختيار جي، وائيس چيئرمين يا ٻئي ڪنهن ميمبر يا بورڊ جي عملدار کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

بورڊ جو ڪاروهنوار
Business of the

13. (1) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ۽ ڪاروهنوار اهڙي نموني هلايو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو

Board

هجي ۽ جيستائين اهي معاملا بيان ڪيل آهن، جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2) بورڊ جي ڪا بہ ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي بنياد تي غير موثر نہ ٿيندي.

**فائونڊيشن جو فنڊ**
**Fund of the Foundation**

14. (1) هڪ فنڊ هوندو جنهن کي "فائونڊيشن فنڊ" سڏيو ويندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) وفاقي، صوبائي حڪومتن يا لوڪل باڊيز طرفان ڪيل مدد يا گرانٽس؛

(ii) سيڙپڪارين مان حاصل ٿيل رقم؛

(iii) تحفا ۽ عطيا؛

(iv) حڪومت طرفان فائونڊيشن جي نيڪال لاءِ رکيل فنڊ استعمال ڪرڻ؛

(v) ڪنهن ٻئي وسيلي کان حاصل ٿيل رقم؛

(2) فنڊ فائونڊيشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(3) فنڊ حڪومت طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيو ويندو.

**بجيٽ اڪائونٽس ۽ آڊٽ**
**Budget accounts and audit**

15. (1) بجيٽ منظور ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت هلايا ويندا ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) فائونڊيشن جا اڪائونٽس ساليانو اهڙيءَ ريت آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي مشاورت سان بيان ڪيو ويو هجي.

**قاعدا**

16. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد

Rules

حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

17. هن ايڪٽ ۾ قاعدن موجب، فائونڊيشن حڪومت جي منظوري سان قاعدن ۾ نہ بيان ڪيل سمورن معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

تحليل
Dissolution

18. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي فائونڊيشن کي تحليل ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙا لاڳاپيل ۽ نتيجا ڏيندڙ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

1992 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.III of 1992

19. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن آرڊيننس، 1992 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**